1. رياض حسين ڪلهوڙو
2. ڊاڪٽر نصرالله ڪابورو

# ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مقدمہ نگاريءَ جو اڀياس
# Study of Prefaces written by Dr. N.A Baloch


## *Abstract:*

*He contributed to many subjects such as education and literature. His work includes different fields in which he got great name and fame. He compiled such information which was neither found in past nor anyone could have predicted. Dr. Nabi Bux worked on countless subjects and fields but his work for folk lore is discussed here in detail.His work in folk lore is counted as his precious work in this field. He has compiled it in a vast and broad sense. In addition, he compiled and published a Sindhi dictionary and Jami'a Sindhi lughaat (dictionary). This work consists of 40 volumes which is described in detail. He has also written a prolegomena on these books.Nowadays, prolegomena has been introduced as literary piece of writing by Dr. Hautchand Moolchand Gurbakhshani and Allama Umar Bin Daudpoto. They both are basically scholars who presented prolegomena as a different mechanism and Dr. Nabi Bux endeavored to make it count in good books. It can also be said that Dr. Gurbakhshani and Allama Umar Bin Daudpoto gave an initiative to proligamina and Dr. Nabi Bux explored it well. Dr. Nabi Bux is the only person who is rightly said the founder of its importance and significance.*


موجوده دور جي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان نهايت مٿانهون مقام رکي ٿو. سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ سندس ڪيل علمي ۽ ادبي خدمتون نهايت وڏو وٿ آهن. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي ادب جي ميدان ۾ وڏي، مختلف موضوعن ۽ مختلف ميدانن تي پاڻ ملهايو ۽ سنڌي ادب جي تاريخ لاءِ اهڙو تہ مواد فراهم ڪيو جيڪو اڳ اسان وٽ نہ موجود هو نہ وري موجود هئڻ جي ڪنهن اڳ ڪٿي ڪئي هئي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لکيل مقدمن جو هيٺ اڀياس ڏجي ٿو.

لوڪ ادب جي ميدان ۾ سندس خدمتون ڪنهن بہ رسمي تعارف جو محتاج نہ آهن. هن نهايت سنجيدگي ۽ سچيتائيءَ سان لوڪ ادب کي سهيڙيو آهي. لوڪ ادب جا ڪتاب جيڪي چاليهن جلدن تي مشتمل آهن، نهايت ڪارائتي سٽاءَ سان سهيڙيل آهن. نہ فقط ايترو پر انهن ڪتابن تي جامع مقدمہ بہ لکيا اٿس.

موجوده دور ۾ مقدمو سنڌي ادب جي تاريخ جي هڪ صنف طور سمجهيو ۽ پڙهيو وڃي ٿو. انهيءَ کان اڳ ۾ مقدمي بابت اسان کي مبهم معلومات ملي ٿي. پر موجوده دور ۾ مقدمي کي هڪ ادبي صنف طور متعارف ڪرائڻ وارا عالم ڊاڪٽر هوتچند مولچند

گربخشاڻي ۽ علامہ عمر بن دائودپوٽو آهن. هي ٻئي پھريان عالم آهن، جن مقدمي نگاريءَ کي فن جي صورت ڏني ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان ان جي فن کي اوج تي پھچايو. اسين ائين بہ چئي سگهون ٿا تہ ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ علامہ دائودپوٽي مقدمي نگاريءَ جو ٻج ڇٽيو ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان ان جي آبياري ڪري ان کي وڌايو ويجهايو ۽ زرخيز بڻايو. موجوده دور ۾ مقدمي نگاريءَ جي جيڪا اهميت ۽ افاديت آهي، اهو ڊاڪٽر نبي بخش خان جي محنت جو ميوو آهي. جڏهن اسين ڊاڪٽر نبي بخش خان جي لکيل مقدمن کي پڙهون ٿا تہ اسان کي انهن ۾ ڀرپور معلومات ملي ٿي. مقدمي نگاريءَ جو هڪ مخصوص فن ٿئي ٿو. اهڙا اصول اسان کي لوڪ ادب جي چاليهن جلدن ۾ توڙي ٻين مرتب ڪيل ڪتابن جهڙوڪ: شاهہ جو رسالو قاضي قادن جو رسالو شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام ميين شاهہ عنات جو ڪلام، خليفي نبي بخش جو رسالو شاهہ شريف ٻاڏائيءَ جو رسالو راڳ نامو رسالو غلام محمد خانزئيءَ جو ڪليات حمل، ڪلام فقير نواب ولي محمد لغاري، ڪليات سانگي وغيره

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مقدمن تي باقاعدا تحقيقي ڪم نہ ٿي سگهيو آهي. پر، پيش لفظ، بہ اکر، مهاڳ ۽ ڪجهہ مقدمن کي ترتيب ڏئي، ڪتابن جي صورت ۾ آندو ويو آهي، جن جو تفصيل هيٺين ريت آهي.

## سنڌي لوڪ ادب جو اڀياس:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڊيشن حيدرآباد طرفان 2016ع ۾ ڇپايل هي ضخيم ڪتاب 762 صفحن تي مشتمل آهي. هن ڪتاب جوسهيڙيندڙ محمد ارشد بلوچ آهي. ٻن ڀاڱن تي مشتمل هن ڪتاب ۾ مجموعي طور 46 ڪتابن جا مقدما شامل آهن.

## املهہ موتي (سوکان وڌيڪ ڪتابن جو تعارف):

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڊيشن حيدرآباد طرفان 2016ع ۾ شايع ٿيل هن ڪتاب ۾ 104 ڪتابن جو تعارف ڏنو ويو آهي. ڪتاب ۾ ٽن ڪتابن جا مقدما ڏنا ويا آهن، جڏهن تہ باقي ڪتابن جا پيش لفظ، مهاڳ، تعارفي نوٽ ۽ تاثرات وغيره شامل آهن. 253 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جو مرتب ڊاڪٽر عبدالرسول قادري آهي.

## املهہ موتي (جلد ٻيو۔ سوڪتابن جو تعارف):

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ريسرچ فائونڊيشن حيدرآباد طرفان 2018ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيل هن ڪتاب ۾ 100 ڪتابن جو تعارف ڏنو ويو آهي. جڏهن تہ ٽن ڪتابن جا مقدما ڏنا ويا آهن. باقي ڪتابن جا مهاڳ، پيش لفظ، تعارف ۽ تاثر ڏنا ويا آهن. 260 صفحن تي مشتمل هن ڪتاب جو مرتب ڊاڪٽر عبدالرسول قادري آهي.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جا اڃا ڪيترائي اهڙا مقد ما، مهاڳ ۽ پيش لفظ باقي آهن، جيڪي مٿي ڄاڻايل ٽنهي ڪتابن ۾ شامل نہ ڪيا ويا آهن. ڄاڻايل ڪم فقط ترتيب ۽ سهيڙ تي مشتمل آهي، انهن مقد من تي جديد تحقيقي اصولن موجب ڪنهن بہ قسم جي تحقيق نہ ٿي سگهي آهي.جيڪڏهن ڪو شخص ڪنهن شعبي ۾ عزت ۽ شهرت حاصل ڪري وٺندو

آهي. تہ اها ڪا اوچتي ۽ اتفاق ناهي هوندي. بلڪ ان جي پنيان سندس محنت، جدوجهد، قرباني، وقت، مختلف ڪردار ۽ ٻيو گهڻو ڪجهہ هوندو آهي. چوڻ جو مقصد تہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جيڪو جبل جيڏي اوچي ماڳ تي پهتو سو سندس محنت جو نتيجو آهي. سندس ادب ۾ سڀ کان گهڻو ڪم تحقيق ۽ ترتيب جو آهي. ادبي اصولن موجب تحقيق ۽ ترتيب ۾ پاڻ پهرين صف ۾ بيٺل عالم آهي. تحقيق، ترتيب، تدوين ۽ تاليف ڪيل ڪتابن ۾ هميشہ وضاحت جي ضرورت پوندي آهي. اهڙي وضاحت ۾ ڪتاب جي موضوع، موضوع جي اهميت، ڪتاب جي مصنف، ڪتاب جي تاريخ ۽ تنقيد وغيره شامل هوندا آهن. انهي وضاحت کي ادب جي دنيا ۾ مقدمو چئبو آهي. جيڪو ڪنهن ڪتاب ۾ شامل هوندو. سنڌي ادب توڙي دنيا جي ٻين ٻولين ۾ تحقيق جي ڪتابن تي مقدما لکيا ويندا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مقدمن کي مختلف موضوعن ۾ ورڇي، انهن موضوعن جو تعارف ۽ لاڳاپيل موضوع تي لکيل مقدمن جو جائزو ورتو ويو آهي.

## لوڪ ادب جا مقدما:

بقول ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي لوڪ ادب سهيڙڻ جي رٿ 1955ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي سامهون رکي ويئي، جنهن کي 1956ع ۾ منظور ڪيو ويو. لوڪ ادب رٿا جي منظوريءَ کان پوءِ ڊاڪٽر نبي بخش جي نگرانيءَ ۾ لوڪ ادب جي سهيڙ جو ڪم شروع ٿيو. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش لکي ٿو تہ:

"ان تجويز مطابق جنوري 1957ع کان لوڪ ادب سهيڙڻ جو ڪم شروع ڪيو ويو. انهيءَ سلسلي ۾ تعلقيوار ڪارڪن مقرر ڪيا ويا تہ ڏنل هدايتن موجب، ٻهراڙيءَ مان مواد گڏ ڪري موڪلين: سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ "سنڌي لغت آفيس" سان گڏ "لوڪ ادب" جي مرڪزي آفيس قائم ڪئي وئي، ۽ ڪارڪن مقرر ڪيا ويا، تہ مقامي طور گڏ ڪيل، توڙي ٻاهران آيل مواد کي هدايتن موجب ورڇي ورهائي، پيٽي صاف ڪري ڇپائڻ لائق بڻائين". (1)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، لوڪ ادب موضوع تي مجموعي طور 46 ڪتاب لکيا آهن، جن ۾ "قافيون" جا ٽي جلد ۽ دودي چنيسر جا 2 جلد پڻ ڳڻيا ويا آهن، جيڪڏهن قافين ۽ دودي چنيسر جي جلدن کي گڏ ڪري ليکبو تہ ڪل 43 ڪتاب ٿين ٿا. جن مان 5 ڪتابن "سنڌي سينگار شاعري (1986ع)" ۾ ديباچو "رهاڻ هيرن کاڻ (10 جلد)"، "ڪافيون جلد ٻيو" ۽ "دودو چنيسر (1976ع ۽ 1977ع" ۾ مهاڳ ۽ "ٻيلاين جا ٻول 1951ع" ۾ منڍ لکيو ويو آهي. باقي سيني ڪتابن تي مقدما لکيا ويا آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مقدمن ۾جيڪا سرهاڻ ۽ سڳنڌ ملي ٿي. ماڻهوءَ جي اندر کي علم، ادب ۽ تاريخ جي چاڻ سان مهڪائي معطر ڪري ڇڏيندي آهي. سندس مقدمن جي انفراديت، ان ڪري بہ آهي جوأهي مقدما علم ۽ چاڻ جا سمونڊ آهن.سندس شخصيت ۽ علمي خدمتن تي ٿيل تحقيقي ڪم ۾ "ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي لوڪ ادب جو تقابلي مطالعو" پي ايچ ڊي لاءِ ڊاڪٽر علي اڪبر

اسير جو لکيل مقالو2014ع ۾ ”ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جون تاريخ نويسيءَ ۾ خدمتون“ پي ايڇ ڊي لاءِ ڊاڪٽر برڪت ڏاهريءَ جو لکيل مقالو 2017ع ۾ ملن ٿا. پرڪيڏي نہ افسوس جي ڳالھہ آهي تہ انهن پنهي مقالن ۾مقدمن جو ذڪر نہ ٿو ملي.

سندس پي ايڇ ڊي تہ تعليم واري شعبي ۾آهي، پر سنڌي ادب ۽ ٻولي جي گهري مطالعي، شاھہ عبداللطيف سان عشق ۽ لوڪ ادب تي ٿيل سندس ڪم،ڪيترين ئي پي ايڇ ڊيز جون ڊگريون لهندو آهي. ٻين سيني ڪمن کي پاسي تي رکي، فقط مقدمن کي آڏو آڻجي، تہ اهي مقدما ڊاڪٽر بلوچ جي علمي قد ۽ ڪاٺ جا زنده مثال آهن. جنهن جا مختلف موضوعن جي مختلف ڪتابن تي، لکيل مقدما دستاويزي حيثيت جارکن ٿا ۽ صدين تائين سنڌي ادب جي تحقيق واري ميدان ۾رهنمائي ڪندا رهندا. مجموعي طور 46 ڪتاب لوڪ ادب جي موضوع تي، سنڌي ٻولي ۽ لغت ۾ 14 ڪتاب، سنڌ جي تاريخ، شاھ جي رسالي ۽ لطيفيات کان سواءِ سنڌ جي اساسي يعني ڪلاسيڪل شاعرن جي ڪلام سان گڏ ٻين مختلف موضوعن تي بہ تحقيقي ڪتاب موجود آهن. جيڪيادب جي شعبي ۾ تحقيق ڪندڙ اسڪالرن لاءِ نوان گس ۽ پيچرا مهيا ڪن ٿا.ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي لکيو آهي تہ:”جدا جدا ڪتابن لاءِ اعليٰ ادبي تنقيدي مقدمن لکڻ سان، ڊاڪٽر صاحب سنڌيءَ ۾ جديد مقدمہ نگاري جي معيار کي هڪ تخليقي ڪاوش جي درجي تي پهچايو. سندس خاص رويو هي رهيوآهي تہ گهربل معلومات لاءِ جتي ڪيس مسنتد ڪتاب نہ مليو. اتي ڪن خاص اطلاعن لاءِ راوين جو سهارو ورتو اٿس ۽ هڪ ڪان وڌيڪ راوين جي بيانن کي مقدمي ۾ آندو اٿس. وڌيڪ تصديق لاءِ اهڙن راوين سان پنهنجين ملاقاتين جي ماڳ ۽ تاريخ جي ڇنڊائي ڪئي اٿس. نئين معلومات کي دليلن ۽ مثالن سان ايئن آڻيندو آهي جو باوجود گهڻي ڪجھہ لکڻ جي پڙهندڙ اڪتائين پائني تہ جيڪر اڃان ڪجھہ وڌيڪ لکي ها“.(2)

ڊاڪٽر بلوچ جي ابتدائي تصنيفن مان ”ٻيلاين جا ٻول“ جنهن ۾ ڊاڪٽر بلوچ ’عام سنڌي شاعري‘ جي عنوان سان جيڪو مقدمو لکيو آهي، ان ۾ سنڌي لوڪ ادب جي تاريخ سان گڏ عالمي لوڪ ادب جو مختصر تعارف پڻ پڻ بيان ڪيو آهي. سنڌي اساسي شاعرن جي شاعري تي تحقيق ڪندي ڪيترائي مقدما لکيا آهن.

ڊاڪٽر بلوچ جي مقدمن جي اها بہ هڪ انفراديت آهي، تہ هن، مقدمن۾ ضرورت آهر،هيٺان حاشين ۾ حوالا پڻ ڏنا آهن، حوالن ۾ اهو ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي، تہ ڪهڙي ڳالھہ ڪتان، ڪيئن ۽ ڪهڙي حالت ۾ ملي آهي؟ ذريعن کي پليءَ پٽ متعارف ڪرايو ويو آهي، جيئن پڙهندڙ ٿوري وقت ۾ حقيقت ۽ حاصل مقصد تي پهچي سگهي.

لوڪ ادب کي نج عوامي ادب چئجي ٿو ڇو تہ هن ۾ ماڻهن جي هوبهو تصوير چٽيل هوندي آهي. ”لوڪ“ سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ماڻهو آدم، ڏيھہ، ديس، جُڳَ، سنسار وغيره. مختيار احمد ملاح ”ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت“ ۾ لکي ٿو تہ:

"حقيقت ۾ لوڪ ادب انهن سگهڙن جي تخليق آهي، جيڪي پنهنجي خيالن جي وسعت آهر مجلسن، محفلن ۽ ڪچهريءَ ۾ پنهنجا خيال شعر جي روپ ۾ پيش ڪندا آهن. اهو ئي سبب آهي جو لوڪ ادب کي "نج دهقاني ادب" بہ چيو ويندو آهي".(3)

سنڌي لوڪ گيت، سنڌ جي تهذيب، تاريخ، روايتن ۽ عوامي ادب جو آئينو آهي. دنيا جي ادب ۾ سنڌ جا لوڪ گيت، موضوعن ۽ عنوانن جي حوالي سان هڪ منفرد رنگارنگي ۽ حسناڪي پيش ڪن ٿا. لوڪ گيت جا موضوع ڪجهہ نہ ڪيترائي، سو نہ پر سوين ٿين ٿا ۽ سمورا موضوع، عورت، ڌرتي، سماج، تاريخ، عوامي پيشا ۽ عوامي مسئلن سان لاڳاپيل هجن ٿا. عام ماڻهوءَ جا ڏک سک، جذبا، خوشيون ۽ غميون، احساس، لوڪ گيتن ۾ موجود هوندا آهن.

"لوڪ" لفظ کي سنڌ جي عظيم شاعر شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪيترن ئي جاين تي ڪتب آندو آهي. شاهہ سائينءَ جي شاعريءَ ۾ بہ لوڪ جي معنيٰ ساڳئي آهي، جيڪا لغتن ۾ بيان ٿيل آهي. شاهہ صاحب جي ڪجهہ بيتن کي هيٺ لکجي ٿو جن ۾ "لوڪ" لفظ جو استعمال ٿيل آهي.

ڪَرِاَين ڪَڙورِ جا، چُوڙا ڪُوڙا جَنِ؛
سو مَرَڪُ ماروئڙن، جئان لوڪ لڄ ٿئي.
(سر مارئي)

اکين کي آڻُون، جان ڪِي جهُلُون پائيان؛
لوڪُ لتاڙي نندِ ۾، ساڃَنُ سوناڻُون؛
مون کي مارياڻونِ، پاڻُ پرچي آئيون.
(سر آسا)

سمورا انساني سماج، پنهنجي عوامي ادب جي تاريخ مان ڦٽندا، وڌندا، ويجهندا ۽ فنا ٿيندا آهن. جيئن وڻ پنهنجو پاڻ مان ريج وٺي اُسري، نِسري، وڌو ٿي، ٻين لاءِ ڇانورو ٻڻجي ٿو تيئن ئي، سنڌ جو لوڪ ادب اُسري، نسري ۽ ايري سرسبز، سائو ٿي، پنهنجي هڳاءَ سان سنڌ جون وستيون ۽ وانديون، واهڻ، ڳوٺ، جهرجهنگ ۽ شهرن کي مهڪائي معطر ڪري ٿو. هتان جا سگهڙ ۽ سپورنج، اهو انمول سرمايو سيني بہ سيني پنهنجن پوئين ٽائين منتقل ڪندا رهيا آهن. تڏهن ئي تہ سنڌي لوڪ ادب جو ايترو ججهو مواد موجود آهي. سنڌي لوڪ ادب جي باري ۾ ناراڻ ڀارتيءَ جي حوالي سان، مختيار احمد ملاح لکي ٿو تہ:

"حقيقت ۾ ڏٺو وڃي تہ سنڌ جي لوڪ ساهتيہ ايترو تہ آڳاٽو آهي، جيتري آڳاٽي آهي اسان جي سنڌي ٻولي. سنڌي لوڪ ادب ۾ ڪيترائي اهڙا جزا بہ آهن، جن جو بڻ بنياد ويدن ۽ اپنشندن جي ڪٿائن تو ڙي ٻئي سنسڪرت ادب ۾ ملي ٿو. رامائڻ، ماهاڀارت، پراڻ، برهت ڪٿا، منجري ڪٿا، سر ساگ، پنجتنتر، هتو پديش، ويتال، پنج ونشتي وغيره سنسڪرت ۾ لکيل اهڙا سرچشما آهن، جن مان نہ فقط سنڌي، پر ڀارت جي ڪيترن ٻين ٻولين جي بہ ڪن لوڪ ڪٿائن ۽ پهاڪن وغيره جو جنم ٿيو آهي".(4)

سڄي دنيا ۾ لوڪ ادب ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ موجود آهي. لوڪ ادب ڀهراڙيءَ جي نج ماحول ۾ صدين کان وٺي سرجيو آهي. اهو اڳين انسانن بعد وارن ذهنن صدري روايتن جي آثار منتقل ڪيو آهي. لوڪ ادب عوام جو ادب آهي، جيڪو عوام ٿي سرجيو آهي. سگهڙ لوڪ ادب جا سنواريندڙ ۽ گهڙيندڙ رهيا آهن. سنڌ جي لوڪ ادب تي تمام گهڻو ڪم رٿا بنديءَ تحت ٿيل آهي. ابتدا ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي ۽ ان سهيوڳي عالمن ۽ سگهڙن ڪم ڪيو. بعد ۾ ان ڪم کي معراج تي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ پهچايو. اڄ سنڌ جو لوڪ ادب دنيا جي لوڪ ادب کان معيار ۽ سهيڙ جي حوالي سان اوچو ۽ عظيم آهي.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي لکيو آهي تہ:

"لوڪ ادب ۾ وڏي گهرائي ۽ مٺيا سمايل هوندي آهي، اهو رواجي طور ڪونہ سمجهي سگهبو! ان لاءِ وڏي ويچار جي ضرورت هوندي آهي. اها ڳالهہ ذهن نشين هئڻ گهرجي تہ "لوڪ ادب" ذاهن جي ذات آهي، سيبتن جي سوچ آهي، گوهرن پنهنجا اهي گفتا ڪنهن مهل، موقعي ايندڙ حالتن کي آڏو رکي ويچاريندا آهن. جنهن ۾ اونهو فڪر، ڏاهپ ۽ ڪو نہ ڪو نڪتو شامل هوندو آهي".(5)

لوڪ ادب جي حوالي کان، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌي زبان سان نينهن جا ناتا نڀائيندي، سنڌ جو ترو تانگهي، جهرجهنگ لتاڙي، سنڌي ادب کي اوچي پد تي پهچايو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪيس سنڌ جي سنوپري سپورنج طور سڃاتو وڃي ٿو. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جون لوڪ ادب جي حوالي سان ڏنل خدمتون سنڌ ڪڏهن بہ وساري نہ ٿي سگهي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لوڪ ادب جي سلسلي جا 43 ڪتاب سهيڙيا آهن. ان کان علاوه رهاڻ هيرن کاڻ جا 10 جلد لکيا آهن، جن ۾ پڻ ڪافي مواد لوڪ ادب وارو آهي. "جڏهن سائين جي ايم سيد، ميران محمد شاهہ ۽ ٻين عالمن، سنڌي ادبي بورڊ جي، 1951ع ۾ نئين سر تشڪيل ڪئي تہ انهن سنڌ جي تاريخ، لغت، ڪلاسيڪي ادب ۽ ترجمي وغيره جي اسڪيمن سان گڏ هڪ اسڪيم "لوڪ ادب" کي گڏ ڪرڻ جي بہ اڳيان رکي هئي، جنهن کي مڪمل ڪرڻ جو ڪم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي حوالي ڪيو ويو هو".(6)

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ سنڌي لوڪ ادب کي قلم بند ڪري هڪ تمام وڏو اهم ڪم ڪري ويو آهي. سنڌ حال ۽ ماضيءَ جي ترجماني ڪندڙ لوڪ ادب کي سنڌي ادبي بورڊ طرفان "لوڪ ادب رٿا" تحت 42 جلدن ۾ ڇپرايو ويو. هرهڪ ڪتاب جي جنس ۽ صنف کي سمجهائڻ لاءِ انهن تي عالماڻا تحقيقي مقدما وڏيءَ محنت ۽ ڇنڊڇاڻ بعد لکيا. جيڪي عالمي تحقيق جي معيار مطابق آهن. انهن جي هڪ وڏي حيثيت مڃي وئي آهي. ڊاڪٽر صاحب جا مقدما انگريزيءَ ۾ پڻ لکيل آهن. اهڙن انگريزيءَ ۾ لکيل مقدمن کي محترمہ اميمہ بلوچ مرتب ڪري Folk lore of Sindh: Anthology of preface جي عنوان سان 2014ع ۾ ثقافت کاتي پاران شايع ڪرايا آهن.

لوڪ ادب جي مقدمن ۾ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جيڪو ننڍي ۾ ننڍو مقدمو لکيو آهي، سو "سنڌي لوڪ ڪهاڻيون 4" جو آهي. جيڪو سڀني مقدمن ۾ ننڍو ۽ فقط ٻن صفحن تي مشتمل آهي. هن مقدمي ۾ ڊاڪٽر صاحب لوڪ ڪهاڻين جي سلسلي جي پهرين ڪتاب ۾ جيڪا وضاحت ڏني آهي، ان جو پڻ حوالو پيش ڪيو آهي. ڪتاب ۾ موجود ڪهاڻين جي ڪيفيت پڻ بيان ڪئي آهي، ته هن ڪتاب ۾ ڪهڙي قسم جون ۽ ڪيتريون ڪهاڻيون ڏنل آهن. مرڪزي خيالن جي لحاظ کان هن ڪتاب ۾ موجود ڳالهين کي 14 مختلف موضوعن ۾ ورهايو آهي، جيئن ماٽيجي ماءُ جو برتاءُ، همتون ۽ ڪشالا، بخت ۽ سياڻپ، هنر ۽ علم، نصيحت، خيرات جي برڪت وغيره. ان کان علاوه هن مقدمي ۾ ڊاڪٽر صاحب اهو پڻ واضع ڪيو آهي ته ڪهڙيون ۽ ڪيتريون ڪهاڻيون ڪٿان مليون، ضلعي وار مواد ملڻ جو تفصيل پڻ ڄاڻايو آهي. ڪهاڻين جي سلسلي ۾ چوٿين جلد تائين 142 ڪهاڻيون شايع ٿيڻ جو پڻ تذڪرو آهي. جڏهن ته لوڪ ادب سلسلي جي سڀني مقدمن مان وڏي ۾ وڏي مقدمو "ڳجهارتون (ڀاڳو ڀهريون ۽ ٻيو)" جو آهي. جيڪو 59 صفحن تي مشتمل آهي. هن ضخيم مقدمي ڪي، لفظ ڳجهارت جي معنيٰ، ڳجهارت جي فن جي ابتدا، ڳجهارت جي بنيادي يا لفظي سٽاءُ، ڳجهارت جي سٽاءُ ۾ تجنيس جي اهميت، ڳجهارت جي سٽاءُ ۾ پائي جي بيهڪ، ڳجهارتن جو فني ۽ معنوي سٽاءُ، ڳجهارت جي ڪچهريءَ جا قانون، ڳجهارت جا سگهڙ، سندن ڪچهريون ۽ تڪيا ڪلام، فن ڳجهارت جي اهميت ۽ افاديت، مواد جي سهيڙ ۽ ترتيب جي موضوعن ۾ ورهايو ويو آهي.

## سنڌي اساسي شاعري:

لفظ "اساسي" جو بنياد عربي ٻوليءَ جي لفظ "اساس" تي مشتمل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، بنياد، پاڙ، جڙ، پيڙهه. اساسي شاعري جي حوالي سان مختيار احمد ملاح "ادبي اصطلاحن جي لغت" ۾ لکيو آهي ته:

"اساسي شاعريءَ جو بنياد يا اساس اعليٰ انساني قدرن واري فهم ۽ فڪر تي رچيل شاعري. اهڙي شاعريءَ ۾ ڪنهن قصي ۽ واقعي جي بيان يا فقط شاعراڻين خوبين جي اظهار بدران ڪا اعليٰ مقصد واري معنيٰ سمايل هوندي آهي. دنيا جي هر ٻيءَ زبان وانگر سنڌي زبان جي اساسي شاعريءَ جو اساس/بنياد ڪائنات جي خالق جي وحدانيت ۾ ڪامل يقين، انسان ذات سان محبت ۽ انساني وحدت ۾ ويساهه ۽ معاشري ۾ اعليٰ خوبين واري ڪردار جي مفهوم تي ٻڌل آهي. مجموعي طور سنڌي اساسي شاعري، انسان جي ايمان ۽ ارادي جي سچائي ۽ عملي ڪردار جي اعليٰ معيارن جي تشريح ۽ تعبير آهي. سنڌي اساسي شاعري، صوفين سالڪن ۽ وڏي نظر ۽ وڏي دل وارن دانائن ۽ دردمندن جو ڪلام ۽ پيغام آهي، جنهن ۾ انسان جي عارضي زندگي ۽ سندس دائمي بقاءُ سان لاڳاپيل حقيقتن جا اهڃاڻ سمايل آهن ".(7)

سنڌي ادب ۾ قاضي قادن کي اساسي شاعريءَ جي عمارت جو باني سمجهيو ويندو آهي. ٻارهين ۽ ٻارهين صدي هجريءَ ۾ شاهه لطف الله قادري، ميين شاهه عنايت رضوي ۽ شاهه

عبداللطيف ڀٽائي اساسي شاعريءَ جي ان عمارت کي جوڙي راس ڪيو جنهن جو بنياد قاضي قادن رکيو هو. اعليٰ فڪر ۽ مضمونن جي نڪار جي لحاظ سان شاهه عبداللطيف ان کي سينگاري، سنواري روشن راهه تي رسايو. روحل فقير، سچل سرمست، صوفي صادق فقير ۽ خليفو نبي بخش پڻ ساڳئي راهه جا راهي هئا.

ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، شاهه لطيف سان گڏ سنڌ جي ٻين ڪيترن ئي اساسي شاعرن تي تحقيق ڪري سنڌن شاعريءَ کي نه رڳو ترتيب ڏنو پر گڏوگڏ شاعرن جي زندگيءَ جا عڪس پڻ چٽيا ئو. سنڌن شاعريءَ جي خوبين ۽ خاصيتن کان پڻ آگاهي ڏني ئو. "ڪليات سانگي"، " ڪليات حمل"، "ڪلام نواب ولي محمد لغاري"، "ڪلام ميون شاهه عنايت"، "ڪنڊڙي وارن فقيرن جو ڪلام" وغيره. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي محنت جو نتيجو آهن.

**لطيفيات:**

"لطيفيات" لفظ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان ئي محسوس ٿئي پيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۽ شخصيت جو ذڪر آهي. شاهه عبداللطيف ڀٽائي جو مطالعو آهي. شاهه جي ڪلام جو مطالعو آهي. شاهه جي فڪر جو مطالعوآهي. شاهه عبداللطيف جي زندگي، شاعري ۾ فن ۽ فڪر، خيال جي گهرائي، تخيل ۽ تنقيدي، تحقيقي ۽ تجزياتي مطالعي کي لطيفيات چئجي ٿو. شاهه جي نالي سان پاڪستان سميت مختلف ملڪن ۾ ادارا قائم آهن، جيڪي لطيفيات جي موضوع تي تحقيقي ڪم ڪي سورينڊا پيا اچن. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ گهٽي کان گهٽو تحقيقي ڪم شاهه صاحب تي ڪيو ويو آهي. شاهه جو رسالو پهريون ڀيرو مڪمل صورت ۾ 1866ع، 1867ع ۾ بمبئي مان ليٿو پريس تي ڇپجي پڌرو ٿيو. ايستائين يا ان کان اڳ ۽ پوءِ به رسالا قلمي صورت ۾ لکيا ويا، پر ڇپيل يا ڪٺي لکيل رسالن ۾ گهڻو اختلاف هوندو هو ڪٿي بيتن جو، ڪٿي واين جو ڪٿي داستانن جو ته ڪٿي بيتن جي تعداد جو! شروعاتي رسالن ۾ سواءِ "گنج" جي سيني ۾ بيتن جو تعداد گهٽو گهٽ ۽ پوئين دور جي رسالن ۾ اهو تعداد ٻيڻ تي هو.

لطيفيات تي مختلف عالمن مختلف وقتن تي ڪم ڪيو آهي، جيئن مرزا قليچ بيگ، 1913ع شاهه جو رسالو مرتب ڪيو 1923ع ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي شاهه جو رسالو مرتب ڪيو. تيئن ٻين به ڪيترن ئي عالمن شاهه جي رسالي ۽ شاهه جي سوانح تي ڪم ڪيو آهي. 1951ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران شاهه جي رسالي تي ڪم ڪرڻ لاءِ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي کي ذميواري سونپي وئي. ڊاڪٽر دائودپوٽي 1958ع تائين تو مختلف قلمي نسخا ڀيٽي چڪو هو پر نومبر 1958ع ۾ سنڌس رحلت ڪري، اهو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو.

1966ع ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي ان ڪم جي ذميواري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڏني، جيڪا ڊاڪٽر بلوچ خوشي سان قبولي ۽ هن ڪم کي ٻن مرحلن ۾ ورهايو. پهرين مرحلي ۾ شاهه جي رسالي ۽ سوانح بابت ماخذ ڳولي تحقيقي انداز ۾ شايع ڪرڻ ۽ ٻئي مرحلي ۾ "جامع، مستند ۽ معياري متن" کي مڪمل هو. ڊاڪٽر نبي بخش خان

بلوچ 68 رسالن کي هن تحقيق ڪم ۾ آندو جن ۾ 46 قلمي نسخا ۽ 22 ڇاپي رسالا هئا (ڪن جاين تي 50 قلمي نسخا ۽ 16 ڇاپي رسالا لکيا ويا آهن). ڊاڪٽر بلوچ هن تحقيق جي پرک جا 6 معيار يا بنياد رکيا، جيڪي هيٺين ريت آهن.

1. رسالن جي تعداد جو معيار
2. رسالن جي قدامت جو معيار
3. رسالن جي پيٽ جو معيار
4. ٻوليءَ جو معيار
5. شاعريءَ جو معيار
6. اعليٰ فهم ۽ فڪر جو معيار

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن تحقيقي رٿا جي نتيجي ۾ ”شاهہ جو رسالو شاهہ جو ڪلام“ جي نالي سان ڏهہ جلد ڇپائي پڌرا ڪيا، جيڪي اڄ هڪ مستند دستاويز جي حيثيت رکن ٿا. هن تحقيقي مقالي ۾ انهن ڏهن جلدن تي لکيل مقدمن تي پڻ روشني وڌي وئي آهي.

**(الف) شاهہ جي رسالي جا مختلف جلد:**

شاهہ جو رسالو (جلد پهريون 1989) شاهہ جو رسالو (جلد ٻيون 1992) شاهہ جو رسالو (جلد ٽيون 1994) شاهہ جو رسالو (جلد چوٿون (1997) شاهہ جو رسالو (جلد پنجون 1997) شاهہ جو رسالو (جلد ڇهون 1995) شاهہ جو رسالو (جلد ستون 1998) شاهہ جو رسالو (شاهہ جي ڪلام جو مڪمل متن: جلد اٺون ۽ نائون 1999) شاهہ جو رسالو (رسالي جو ڪلام: جلد ڏهون 1996)

ڊاڪٽر صاحب، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي جي ترتيب ۽ شرح جي حوالي سان، جيڪو تحقيقي ڪم ڪيو آهي، تنهن جو مثال ملڻ بہ مشڪل آهي. شاهہ جي رسالي تي جيڪو مقدمو لکيو ويو آهي، انهي ۾ ڊاڪٽر بلوچ ٻين شاعرن جيان شاهہ عبداللطيف جي حياتي تي تحقيق ڪري، جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن. انهن ۾ شاهہ لطيف جي اُمي هجڻ واري عام روايت جي وضاحت مقدمي ۾ ڪجهہ هن طرح ڪئي آهي:

”ان وقت مڪتبي تعليم جو دور هو جنهن موجب قرآن شريف، سنڌي ۽ ابتدائي فارسي تعليم معياري سطح تي ڏني ويندي هئي. والدين ننڍڙي لطيف کي پاڻ کان پري فوري طور تي ڪنهن مڪتب ۾ ڪو نہ ويهاريو: البت سندس تربيت گهر ۾ ئي ٿيندي رهي جو نہ فقط والد شاهہ حبيب پاڻ علم ۽ نظر وارو هو، پر والده بہ هڪ فقيري گهر مان هئي. البت عبداللطيف جڏهن وڏو ٿيو تہ روايتن موجب شاهہ حبيب کيس قرآن شريف پڙهڻ لاءِ اهڙن استادن وٽ ويهاريو جيڪي پاڻ وڏا نيڪ ۽ پرهيزگار هئا. انهن اهڙي توجه سان پڙهايو جو قرآن شريف عبداللطيف جي دل تي نقش ٿي ويو. انهن مان خاص ڪري استاد ميون نور محمد ڀٽي هو، جنهن پوءِ کيس مڪتبي تعليم ڏني. ميون نورمحمد گنباٽ جي ڏيرن واري راڄ کي ويجهو ائن ميلن کن جي پنڌ تي ’وائئين‘ جو ويٺل هو“.(8)

**سنڌ جي تاريخ:**

تاريخ معصومي (فارسي متن جو سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد، تحقيق ۽ وضاحتي نوٽن مان مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، 1953)، فتحنامو (چچنامو): (فارسي متن جو سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد، مقدمو ۽ حواشي: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ 1954)، تحفة الڪرام (فارسي متن جو سنڌي ترجمو: مخدوم امير احمد ، ايڊيٽنگ ۽ مقدمو: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ )، 1957، سومرن جو دور (دودي چنيسر جي ڳالهه ۽ ٻئي روايتي ذخيري جي روشني ۾ (سيپٽمبر 1980ع).

## سنڌي ٻولي، ادب ۽ موسيقيءَ جي تاريخ:

سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ ، (1992)، سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ (1978) سنڌي صورتخطي ۽ خطاطي (1992)، سنڌي ٻوليءَ جو آڳاٽو منظوم ذخيرو (1993) سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ (1999).

## ڇاپايل موادڪان علاوه هيٺيان ڪتاب پڻ ڊاڪٽر بلوچ جي ترتيب جو نتيجو آهن:

محمد رسول الله ﷺ 1995ع، عبدي جو رسالو: مولوي عبدالقادر عبدي 2010ع، رسالو ميون علي محمد مهيري 2010ع، اصغر سائين جو ڪلام 1999ع، ديوان مسڪين 1985ع ۽ خزانة المعرفت (ملفوظات شريف) 1411 هجري شامل آهن.

سپ رنگ (1968) سنڌ جي مڃي (مڻي جي مڃي جو مطالعو 1993)، سنڌ جي مڃي (ڪاري جي مڃيءَ جو مطالعو 1995)، منهنجو ڳوٺ: جعفر خان لغاري (1999)، رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد پهرون 2000)، رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد ٻيو 2001)، رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد ٽيون 2002)، رهاڻ هيرن ڪاڻ (جلد چوٿون 2003)، ڳڌهر: 1946ع وغيره

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جا سمورا مقدما سندس وسيع مطالعي، ڄاڻ، علم دوستي ۽ جدوجهد جو وڏو ثبوت آهن. هن صنف جي فن ۽ تاريخ ڪي نهايت عالمانه انداز ۾ بيان ڪيو آهي. اساسي شاعري ۾ شاعرن جي زندگي ۽ سندس ڪلام بابت معلومات بہ سنڌي ادب ۾ بنيادي ماخذ جي حيثيت رکي ٿي.

## حوالا:


1. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر. *ليلان چنيسر*. حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، 1972ع، مهاڳ، ص الف
2. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر. *سنڌي ادب جي تاريخ*. ڄامشورو: سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 2005ع، ص 85،86
3. ملاح، مختيار احمد. *ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت*. حيدرآباد: لينگئيج اٿارٽي، 2015ع، ص 307
4. ساڳيو ص 307
5. سنديلو عبدالڪري، ڊاڪٽر. لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو. ڪراچي: پيڪاڪ پرنٽرس ائنڊ پبليڪيشن، 2016ع، ص 12
6. سوٿهڙ امراٽي، پارومل. ڌرتي ڳائي ٿي. حيدرآباد: ثقافت ۽ سياحت کاتو 2017ع، ص 22
7. ملاح، مختيار احمد. *ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت*. حيدرآباد: لينگئيج اٿارٽي، 2015ع، ص 35
8. بلوچ، نبي بخش ڊاڪٽر. شاهہ جو رسالو. حيدرآباد: ثقافت ۽ سياحت کاتو ڇاپو پهريون، 2009ع، ص 7،8